1

سوال 6 : (six)

تعارف

سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي سڌي يا اڻ سڌي طرح 82 سال حڪومت رهي. ان مقامي حڪومت جي اچڻ باوجود سنڌ ۾ امن قائم ٿي نه سگهيو شاهه عنايت صوفي جو واقعو، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي واري جي شهادت ۽ ٻيا ڪيترائي معرڪا ٿيا. ميان نور محمد ڪلهوڙو هي نالو هن دور ۾ گهڻي اهميت رکي ٿو. هن حڪمران سنڌ تي 35 سال حڪومت ڪئي، سندس حڪومت دوران ڪيترائي معرڪا به ٿيا. پر سندس دور سنڌ جي تاريخ ۾ ڪيترائي نوان پيغام کڻي آيو. هن دور ۾ سنڌ ۾ علم و ادب ۾ اضافو ٿيو ۽ معاشي خوشحالي آئي. ڪلهوڙن جي دور ۾ آبپاشي، زراعت، معيشت، علم ۽ ادب کي ترقي ملي ۽ ٻين اهڃاڻن جي نسبت ڪلهوڙن ادب کي وڌيڪ وڌڻ ويجهڻ جو موقعو ڏنو. ان ڪري هي دور سنڌي ٻولي ۽ ادب جو سنهري ڪوٺيو ويندو آهي.

نقطہ 1 سنڌي ٻولي

ادبي دنيا ۾ هي دور شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو دور آهي. ڪلهوڙن جو دور ۾ حڪومت مقامي نسل جي گهراڻي جي هٿ ۾ هئي جن جي مادري زبان سنڌي هئي. جيتوڻيڪ ملڪ جي دفتري زبان فارسي هئي، پر گهريلو

2. عام روزمره استعمال ۾ ٻوليءَ سنڌي هئي.
سنڌي زبان کي حڪومتي سرپرستي ملڻ
ڪري ٻه ترقي ملي، اهو ئي سبب آهي
جو سنڌي ٻولي ۾ مختلف لهجن ۽
سياسي حالتن سبب ڪهڙي ترقي ٿي.
ڪڇي، ڪاٺياواڙي، سرائيڪي، لاسي،
ملتاني ۽ بلوچي زبانن جو اثر سنڌي
زبان قبول ڪري وڏي وسعت واري ۽
شاهوڪار زبان بڻجي وئي، هزارين نون لفظن
محاورن ۽ اصطلاحن جا اضافا ٿيا. جنهن سان
سنڌي ٻولي کي سونهن ملي

ب سنڌي ادب

هن دور ۾ مذهبي ادب نه صرف ترقي
ڪئي پر ان جو لکجڻ به شروع ٿي ويو.
مخدوم ابوالحسن واري جديد عربي لپيءَ جي
ٺاهڻ ڪري ڪتابن لکڻ جي هڪ تجربي
شروع ٿي. اهڙي طرح هن دور ۾ سماجي زندگي
سان لاڳاپيل مختلف خيال، احساس، آس
اميدن ۽ ذهني اظهار ۾ ترقي ڪري
ٻوليءَ وسعت پيدا ڪئي. ان ڪري سنڌي
ٻولي شاهوڪار ۽ سڌريل ٻولين ۾
شمار ٿيڻ لڳي. هن دور ۾ بي شمار شاعر
پيدا ٿيا. جن سنڌي شاعري ۾ گهرائي
پيدا ڪئي ۽ فني پختگي آندي. هن
دور ۾ ادب جي خاص ڳالهه اها آهي
ته دنيا جي وڏي ۾ وڏي شاعر شاهه
عبداللطيف ڀٽائي جو تعلق هن دور سان آهي.

Data

بين [illegible] نوابن [illegible] محمد زمان،
لنواري، دودو، مدن بيگ، روحل
فقير، جمن چارڻ، جلال ڪنڀر، صابر
موچي، سيد محمد بقا، ميان
سرفراز خان ڪلهوڙو، ميان صاحب ڏنو
فاروقي وغيره اهم نالا آهن. هن
دور ۾ ميان وال بزرگن "سماع" ڪرڻ
وقت بيتن، مداحن ۽ مناجاتن
۽ مناقبتن جون ڪيترن ئي صنفون
ايجاد ڪيون

3 **شاعريءَ ۾ جدت**

ساز ۾ خاص جدت آئي. شاهه
عبداللطيف ساز ۽ تنبورو استعمال ڪيو
جڏهن سان شاعريءَ کي ڳائڻ ۾
وڌيڪ دلڪشي آئي. سنڌي موسيقي
ان سلسلي ۾ گهڻي ترقي ڪئي. وايون
۽ ڪافيون عوام ۾ خاص محفلن ۾
ڳائجڻ لڳيون

4 **غزل گو شاعري**

هن دور ۾ غزل گوئي ۽ عروضي
ڪلام جو بنياد پيو. ان سلسلي ۾ نور
محمد خسته، مرزا تقي ۽ حافظ عالي
وغيره اهم نالا آهن

5 **تصوف**

هن دور جي بيتن جي وسيلي تصوف
۽ فلسفي جي دقيق خيالن کي شعر
۾ اتاريو ويو. سنڌي شاعريءَ کي تحفو
ڪري رسالو ڪڍيو ويو. شاعريءَ ۾ فطرت
نگاري ۽ منظر نگاريءَ کي اهميت

ملي. مطالعاتي پهلو جو به شاعري ۾
اهم حصو هو. اسلامي فلسفي سان
هندو ويدانت جي به شاعري ۾
جهلڪ ملي.

6. مذهبي ڪتاب

ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌي ٻولي
باقاعدي تعليمي زبان طور استعمال ٿي.
تمام درسگاهن ۽ مڪتبن ۾ مادري
زبان وسيلي تعليم ڏيڻ جو سرشتو
پختن بنيادن تي قائم ٿيو. وقت
جي جيد عالمن ۽ استادن ان تحريڪ
۾ حصو ورتو. جن ۾ مخدوم محمد هاشم،
مخدوم ضياءالدين، مخدوم عبدالله ۽ ٻيا
ڪيترائي نالا لکي سگهجن ٿا. هنن ڪيترائي
ديني ۽ تدريسي ڪتاب لکيا ۽
پڙهڻ جي مڪتبن ۾ نصاب طور رائج
ڪيا. ڏسندي ئي ڏسندي سنڌي ۾
تصنيفن جو انبار لڳي ويو.

7. نثر نويسي

هن دور ۾ سنڌي نثر گهڻي حد
تائين رائج ٿي چڪو هيو. هن دور ۾
ڪيترن ئي نثري ڪتابن جو ذڪر ملي
ٿو. ان کان سواءِ مذهبي ادب ۾ نظم
نثر ۾ بيشمار ڪتاب لکيا ويا جيڪي
سنڌي ادب ۾ هن دور جي سونهري
[illegible] ٿا. هن دور جا لکيل ڪتاب
ڪيترن ئي اسلامي ملڪن ۾ پڙهيا پيا
ويندا آهن

لوڪ ادب 8

اهڙي طرح لوڪ ادب ۾ به تمام گهڻي
ترقي ٿي. هن دور ۾ شاعرن خاص
طور تي شاه عبداللطيف ڀٽائي شاعري
۾ سنڌ جي ان دور جاگرافي، تاريخي
سياسي، تهذيبي ۽ ثقافتي اهڃاڻ
پيش ڪيو عمر سس ملي ٿو، سهڻ چارڻ ۽
ميار ڪتي، صابر، مومل، ڀيرو ڪتي
۽ بيا هن دور جا وڏا سگهڙ هئا.
هن دور ۾ خود حڪمران گهراڻي جا
فرد نه صرف ادبن جي سرپرستي
ڪندا هئا پر ڪيترائي خود به
شاعر هئا، جن ۾ ميان نور محمد
ڪلهوڙو ۽ ميان سرفراز خان ڪلهوڙو
اهم آهن

نتيجو

نتيجو اهو نڪتو ته هي دور
گهڻي عرصي تائين نه رهيو پر
هن دور سنڌ کي هميشه لاءِ
لازوال ڪري ڇڏيو. سنڌي زبان کي
اڄ تائين پهچائڻ ۾ ڪلهوڙن
جو دور جو ڪليدي ڪردار آهي

Date ____

سوال نمبر 2

مرزا قليچ بيگ

تعارف

سنڌي ادب ۾ شايد ڪو اهڙو شاهوڪار
نالو هجي جيترو مرزا قليچ بيگ جو آهي.
سنڌي ادب جي هر موضوع تي مالدار
ناهڻ وارو اها شخصيت جنهن نثر جي
ترقي ۾ جي ذاڪڻ جو ڪم ڏنو سو
مرزا قليچ بيگ آهي. هن نثر جي صنف
۾ تخليقي ۽ ترجمي کان علاوه نظم
جي صنف ۾ به مالدار بڻايو. انگريزن
سنڌس علمي لياقت جي عيوض علم
جو سج قرار ڏنو ۽ هو سنڌ جو پهريون
شمس العلما بڻيو. مرزا قليچ بيگ
1853ع ۾ ٽنڊي ٽورهي ۾ پيدا ٿيو.
انگريزن جي دور ۾ مختيارڪار ٿيو ۽
ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي ريٽائر ڪيائين. 76
ورهين جي ڄمار ۾ 1929ع ۾ وفات ڪري ويو.
مرزا صاحب تقريباً 400 کن ڪتاب
لکيا جن ۾ گهڻا ئي ترجمو ٿيل آهن.
هن تقريباً ادب جي هر صنف تي ڪتاب
لکيو. ادب کان علاوه سائنس، باغباني
۽ صحت وغيره تي به پنهنجي قلم جو
جلوو ڏيکاريائين.

ناول نگاري

جڏهن ۾ سنڌي ناول جو ذڪر ڪجي
ته ناول "زينت" جو ذڪر ضرور ٿيڻ ٿو.
ناول "زينت" مرزا صاحب 1895ع ۾ تحرير
ڪيو هئي ناول سنڌي ادب ۾ هڪ ڪلاسڪل
ناول جي حيثيت رکي ٿو. مرزا صاحب
پنهنجو پهريون ناول 1888ع "دلآرام"

Date

۾ ناليءَ سان لکيو. مرزا صاحب ناول لکڻ
سان گڏوگڏ ڪيترن ناولن جو ترجمو پڻ
ڪيا. سندن سڀ ناول سماجي ۽ اصلاحي
آهن. سندن ترجمو ٿيل ناولن ۾ خاص
ڳالهه هيءَ آهي ته تمام ناول سنڌي
ماحول ۾ پيش ڪن ٿا ترجمو
ٿيل ناولن ۾ سندن مشهور ناول ڪلن ۾
شوڪري، گليور جو سفر، سچي محبت،
سنڌبد جهوري مرشد وغيره شامل آهن.
ترجمن ۾ زبان ۾ سادگي ۽ روانگي
ملي ٿي. مرزا صاحب گهڻو ڪري انهن
ڪتاب جا ترجما ڪيا جيڪي مقصد جي
لحاظ کان ڪافي اهم آهن.

ڊرامه نگاري

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڊراما نگاري جي
شروعات به مرزا قليچ بيگ کان ٿي ٿي
ٿي. پاڻ 1880ع ۾ هڪ ڊرامو ليلا مجنون
جي نالي سان لکيائين ۽ ان کانپوءِ ڊراما
”خورشيد“ لکيائين جيڪو اصل ۾ بنگالي
ڊرامي تان ورتل هو هن صاحب ڪيترا
ٻيا ڊراما ~~تجربو~~ ترجما پڻ ڪيا. هن جي ڊرامن
جي خوبي اها آهي ته ڊرامن جو ترجمو
ڪري ڊرامن کي سنڌي ماحول ۾ پيش
ڪيو.

مضمون نگاري

مرزا قليچ بيگ سنڌي ادب جو
ڀرپور اديب هو جنهن مضمون نگاري
کي رائج ڪيو ان سلسلي ۾ هن هڪ
مشهور مضمون نگار ”فرانسس بيڪن“ جي
مضمونن کي ترجمو ڪيو جيڪي

Date

سير و سفر، تاريخ، فلسفي، مذهب
جي سائنس تي مشتمل آهن. مرزا صاحب
اخلاقي جي سماجي پهلون تي مشتمل
مضمونن جو ترجمو پڻ ڪيو آهي. مرزا
صاحب جو پنهنجو لکيل مضمون "مقالات
الحڪمت" سنڌي مضمون ۾ هڪ
شهڪار جي حيثيت رکي ٿو.

نتيجو

مرزا صاحب سنڌي ادب ۾ پنهنجي
محنت جي ڪاوشن سان سنڌي ادب کي
اهو خزانو پيش ڪيو آهي جنهن کي
رهندڙ دنيا تائين سنڌي ادب کي
سجايٺ مهيا ڪندو رهندو. اهو
مرزا صاحب جو سنڌي ٻوليءَ سان لڳاءُ
هو جنهنڪري اڄ تائين ڪو به سنڌي عالم
يا اديب مرزا صاحب جي برابري نه
ڪري سگهيو آهي. سنڌي ادب جي تاريخ
۾ مرزا صاحب جو نالو هميشه عزت
جي احترام سان ورتو ويندو.

Date____

B

## ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

تعارف

ڊاڪٽر صاحب سن 1917ع ڳوٺ جعفو لڪاري ۾ پيدا ٿيو. بنيادي تعليم ڳوٺ مان ئي حاصل ڪئي وڌيڪ تعليم علي ڳڙهه يونيورسٽي مان حاصل ڪيائين 1946ع ۾ امريڪا ۾ Ph.D ڪيائين. ڊاڪٽر صاحب سنڌي ٻولي جي انهن چند محققن مان هڪ آهي جن سنڌي ٻولي ۽ ادب تي انتها محنت ڪئي سندن 80 کن ڪتاب لکيا آهن جن مان تقريباً 30 کن صرف لوڪ ادب تي آهن. ڊاڪٽر صاحب جي ڪجهه خدمتن جو جائزو وٺجي ٿو:

سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ:

ڊاڪٽر صاحب هي ڪتاب 1962ع ۾ لکيو هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر صاحب سنڌي ٻولي تي تحقيق ڪري ان جي بنياد بابت نئون نظريو ڏنو. سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نه نڪتي آهي پر سنسڪرت کان اڳ واري دور کان موجود آهي. ان کان علاوه هن ڪتاب ۾ سنڌي ادب جي تاريخ ۽ ارتقا تي بهترين تحقيقي مواد پيش ڪيو آهي. هي ڪتاب سنڌي ادب جي تاريخ جو بنيادي ماخذ آهي.

لوڪ ادب

سنڌي لوڪ ادب کي سهيڙڻ جو ڪم سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڊاڪٽر صاحب کي سونپيو ويو. ڊاڪٽر هن ڪم جي پوراءِ لاءِ سڄي سنڌ جو سير ڪيو

Date

ٿيو ۽ هر علائقي جي ماڻهن سان
مليو ۽ انهن جي رهڻي ڪهڻي جو
مشاهدو ڪيو. اهڙي طرح سان ڪيترا
ڪتاب سنڌي ادب تي لکي ويا
ڊاڪٽر صاحب جو هي ڪم واقعي هڪ
وڏو ڪارنامو آهي

2 ٻولين جا ٻول

ڊاڪٽر صاحب جو هي ڪتاب به سندن
اڻٿڪ ڪوشش جو زندهه ثبوت آهي
هن ڪتاب جو مواد گڏ ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر
صاحب لسٻيلي جي ٻوليءَ علائقي جو
تفصيلي دورو ڪيو. ڊاڪٽر صاحب پاڻ
لکي ٿو ته "لسٻيلي جي شاعري عام سنڌي
شاعري جو هڪ مکيه پاسو آهي جيئن ته
لسٻيلي جي شاعري ٻيلي جي سهڻن
سگهڙن ۽ سمجهو سالڪن جي ذوق
جي پنهنجي اصلي صورت ۾ موجود ۽
مروج آهي ۽ زماني جي لٽ ۾ اڃا
ڦٽي نه وئي آهي

3 جامع سنڌي لغت

ڊاڪٽر صاحب سنڌي لغت کي گڏ
ڪري انکي سوڌي ۽ سنواري باقاعدي
پنجن جلدن ۾ پيش ڪيو جيڪو هڪ
وڏو ڪارنامو آهي. ان سان سنڌي اردو لغت
۽ اردو سنڌي لغت به تيار ڪئي

4 مختلف شاعرن جا ڪلام

ڊاڪٽر صاحب ڪيترن ئي شاعرن جا ڪلام
گڏ ڪري ڇپايا آهن. ڪجهه وڏن
۽ مشهور شاعرن جي ڪلام کي گڏ

Date____________

ڪري رسالا ۾ ڇپايا آهن

شيخو
ڊاڪٽر صاحب انهن حالتن منجهان
آهي جن ڪڏهن ۾ پنهنجي ڪم تي ڇڏ
ن ڪيو آهي. هو مختلف عهدن تي
فائز رهيو ۽ پاڻ انتها مصروف
هوندي به سنڌي ٻولي جي خدمت
ڪندو رهيو. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي
مطابق ڊاڪٽر صاحب مرزا قليچ بيگ
کانپوءِ ٻيو ادبي اٿل آهي. واقعي
مرزا قليچ بيگ کانپوءِ گهڻي کان گهڻا
ڪتاب ڊاڪٽر بلوچ صاحب ئي
لکيا آهن

Date

سوال 7

## افسانو

تعريف

افسانو ارڙهين صديءَ جي پيداوار آهي
ارڙهين صدي ۾ يورپ ۾ جڏهن صنعتڪاري
جو دور آهيو ته ماڻهن جي زندگي ايتري
تيز ٿي وئي جو ماڻهن وٽ ادب پڙهڻ
لاءِ تمام گهڻو وقت جي بچيو. ان
ڪري ضرورت محسوس ڪئي وئي ته اهڙو
ادب لکيو وڃي جيڪو مختصر به هجي ۽ بامعني
پڻ. ان ڪري افسانو لکڻ جو رواج پيو.
افسانو سماج جي مسئلن جو عڪس هجڻ
سان گڏوگڏ قوم جي جذبات جو ترجمان
پڻ آهي.

افساني جو فني خوبيون

افسانو مختصر آهي
آمريڪا جي مشهور افسانا نگار
"ايڊگر ايلن پو" جو چوڻ آهي ته
افسانو ننڍڙي اها ڪهاڻي آهي جيڪو
پڙهندڙ هڪ ئي نشست ۾ پوري ڪري
يعني اڌ ڪلاڪ اندر ختم ڪري سگهي.

زمان، مڪان ۽ عمل جي وحدت.
افساني ۾ رونما ٿيندڙ واقعن جو تسلسل
وقت سان مطابقت رکي ۽ ان ۾ تضاد
نه هجي. اهڙي طريقي سان انسان جا عمل
۽ سندس خول پاڻ ۾ مطابقت رکندا هجن
يعني هڪ ئي وقت ۾ اهڙو ماڻهو ظالم
۽ همدرد بنجو ٿي سگهي.

Date____

3 ڪردار جي مقالمن ۾ حقيقت جو رنگ
افساني جي ڪردار انساني زندگي جي
مختلف شعبن مان کنيا ويندا آهن جي ڪري انهن
۾ حقيقت جو رنگ ڏسڻ ۾ ايندو
افساني جا مڪالما به
اهڙي طرح سان
حقيقت سان ڀرپور هوندا آهن. اهي
هڪ طرف ته ڪردارن کي اڀار ڪندا
آهن ته ٻئي طرف ڪهاڻي جي رفتار کي
اڳتي وڌائيندا آهن

4 آغاز ۽ انجام
افساني جي آغاز ۽ انجام تمام گهڻي اهميت
رکن ٿا پر ان لاءِ ڪو به شرط نه آهي.
ڪي افسانا نگار افساني کي اختتام کان
شروع ڪندا آهن ته ڪي وري وچ مان
شروع ڪندا آهن

5 عمل ۽ ڪردار نگاري ۾ توازن
افساني جا سڀئي تندا وڏا عنصر پاڻ ۾
ڳتيل هوندا آهن. انهن ۾ هڪ خاص
قسم جو توازن هوندو آهي جو اهڙي
طرح سان ڪهاڻي اختتام تائين ٿي

6 اهم واقعو صرف هڪ هوندو آهي
انسان جي زندگي ڪيترن ئي تجربن ۽ واقعن
جو مجموعو آهي. افسانه نگار انهن مان ڪنهن
هڪ واقعو يا مسئلو کڻي ٿو ۽ ان کي
ڀرپور تاثر سان پڙهندڙ تائين پهچائي
ٿو. ان مکيه مسئلي سان افساني ۾ ٻيا به
مسئلا زير قلم اچن ٿا. پر اهي سڀ ان مکيه
واقعي کي اڀار ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندا
آهن.

Date

سوال نمبر ٨ A

Sindh to English A

A rain is conditional to weather so the tears are conditional to emotions. It is easy to differen-tiate between a seasonal rain and non-seasonal rain. However, it is the most difficult to identify the reason behind the tears, be-cause there are multiple state of minds in which a person goes through. If there would have been colors of emotions sentiments and afflications then our eyes would have shed the colorful tears

English to Sindhi B

اڄ مونکي ان ڳالهه جو احساس ٿئي ٿو ته مان قاتل آهيان. مان پنهنجي تخليقي صلاحيتن جو قاتل آهيان. مان هڪ راڪشس آهيان جنهن پنهنجي معصوميت کي بيدردي سان ڪچلي ڇڏيو. مان اهو جن آهيان جنهن هڪڙي خوبصورت مخلوق کي ان جي جسم کان ٻهريان ان جو سفايو ڪري ڇڏيو. اڄ منهنجو اتفاق سان هڪڙي مصور سان ملاقات ٿي جيڪو وڏي عرصي کان مون ۾ سمايل هيو ۽ مان جيا ته ان کي هڪڙي پڃري ۾ بند رکيو يا مان اڄ ان جو بيدردي سان گلو گهوٽي ڇڏيو. مان هڪڙو مصور ٿي سگهان ها. مان هڪڙو شاعر ٿي سگهان ها

Date

مان هڪڙو مصنف ٿي پيو سگهان
اگر مان پنهنجي ڪلب کي آزاد
ڪيان ها ته مان پنهنجي پاڻ کي
سڃاڻيان ها. مان پنهنجي پاڻ
کي ظاهر نه ڪرڻ ڏنو پر مونکي
خوشي آهي ته مونکي پنهنجو ڪتاب
مليو "Women in the 21st century" جنهن مان،
مان ڪجهه ڪهاڻيون پڙهيون. مان
تمام گهڻو متاثر ٿيس پنهنجي ڪتاب
مان. بعد ۾ مان الجهن جو ڪشمڪش
جو شڪار رهيس هاڻي ته مونکي
احساس ٿيو ته مان به تخليقي صلاحيت
رکان ٿو پر مان ڪڏهن به قسم
جي ڪوشش نه ڪئي آهي پنهنجي
صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جي. ليڪن
شوهائي ڪتاب منهنجي اندر هڪ
روشني پيدا ڪئي آهي ته مان
پنهنجي اندر کي سڃاڻيان.